# "مان ٽرسنديس...."

آنسن جي ڌارائن مان اگر ماضيءَ کي ڌوئي ڍاهي سگهجي ها ته راتا ساري عمر روئندي گذارڻ لاءِ تيار هجي. مگر رات جي اڪيلائيءَ ۾ جو اچانڪ ڪيئن آنسن جي اُسرتيءَ جو احساس ٿيو ته هوءَ بستري تان اٿي کڙي ٿي. دريءَ جي پردي سان اکيون سڪائي آڪاس جي اونداهيءَ چادر ۾ نظر ڪپائي دريءَ تي چڙهي ويهي رهي. دريءَ جي هڪ پاسي هئي ٽي ماڙا هيٺ، اونهي موت جي کاهي ۽ ٻئي پاسي هئي عجيب آنند ماند، پريشان ۽ ڏنگي ليڪ جيان گذريل جيون - جيون جنهن ۾ هڪ پاپ هو.

هڪ پاپ، ٻه انسان. ائين ته هر پاپ ۾ ٻيءَ هستيءَ جي موجودگي گهرجي. ڪوئي ڪرم جيستائين هڪ جڻي تائين محدود آهي تيستائين پاپ نٿو بڻجي. جڏهين ڪنهن ٻئي جڻي جو هاڃو ان ۾ شامل ٿيو وڃي، تڏهين اهو ڪرم پاپ بڻجيو پوي.

مگر ٽئڪسي واري سان هڪ رات گڏ گذاري راتا ڪنهنجو هاڃو ڪيو هو، سا ڳالهه ڪيئن سمجهه ۾ نٿي آئي. پوءِ جنهن ڪرم کي سڀني پاپ ٿي سڏيو، تنهن

کي ٻار ۽ ٻاپ سمجهي، فقط انڪري جو ٻيا اُنکي ٻاپ ٿا سڏين، ان ڳالهه لاءِ هوءَ به تيار نه هئي. نه باقي هي مونجهارو ڇاجو هو؟ ٻار کي نه سمجهي سگهڻ جو؟...

راڌا هونءَ نه. شايد ٻار سمجهڻ نه، سمجهڻ جي جهنجهٽ ۾ پوي ئي ڪين ها، مگر ٻار کي سمجهڻ لاءِ آمادو ڪندڙ جيڪو شخص هو، اُلجهي ڪا به ڳالهه نظرانداز ڪري سگهڻ جو نه. راڌا ۾ ساهس هو ئي نه. اهڙو ساهس ڪرڻ ٿي دل ئي هئس. چار ڏينهن اڳ راڌا اهڙو ساهس ڪيو به هو، پر فقط هڪ ڪن لاءِ. جنهن مهل چيائين، ”دادا، توهين دکي نه ٿيو، سڀ ڀڳوان جي اِڇا هئي.“ ۽ هريداس اُلهي جواب ۾ وهائي ڪڍي هئس هڪ چماٽ ۽ گرجي چيو هئائين، ”اڇا پنهنجي ڪمزوريءَ لاءِ ڀڳوان کي ٿلاهي ٺهراءِ.“ تنهن مهل فقط هڪ ڪن راڌا سوچيو هو: ”هريداس اسانجو ڪير لڳندو آهي!“

پر هينئر ٿي منهن رکي، دک کان وياڪل ٿي، جڏهن هريداس ٻاڏايو، ”سڄي ڏيءَ ڪانءِ اٿم نه راڌا، انڪري توکي ڏيءَ سمجهڻ جي غلطي ڪري ويٺس. توکي ٻيو پلو ڇوڙڻ جو ڀلا مونکي ڪهڙو حق آهي....“

راڌا جي من ۾ آيو هوءَ سندس پيرن کي چنبڙي پوي، ”مونکي ڌاري نه سمجهو بابا. مونکي ۽ نه سگهو ٻيءُ ڪونهي.“ پر اهڙو ڪجهه ڪري ٿي نه

سگهي. فقط اهڙو چوائين، ”سڳو ڪوئي ڪواهي، جيڪي
ٻلائي چاهين ٿا، اهي ئي سڳا آهن. مان سوچيندس .
ليڪن سوچڻ هڪ ڳالهه هئي، عمل ٻي ڳالهه. سوچ
اگر عمل سان ميل کائي سگهي ها ته هيڏو سڀ
ٿئي ئي ڇو ها. راڌا جاڳندي ته ڇا ڪڏهن ننڊ ۾ ب
ڪين سوچيو هو ته هوءَ هڪ ننڍڪڙيءَ واري کي پاڻ
ارپڻ ڪري ايندي!

جيڪي نه سوچيو هئائين، اهو ٿي گذريو هو ۽
جيڪي ورور ڪري سوچيو هئائين، خوابن ۾ ڏٺو
هئائين - حاڪماڻي ڀلڳ سان هلڻ، اوچيون ساڙهيون،
ميڪ اپ ۽ هڪ وڏو وڏو آڪاهتو ۽ ٻطائتو گهر - اهو
سڀ سوچ جي صورت ۾ ئي رهجي ويو هو ۽ عمل جي
اوساريءَ ۾ لنبجي نه سگهيو هو.

۽ عمل ۾ جيڪي اچي چڪو هو ان لاءِ هاڻ سوچڻو
هو. ڇا سوچڻو هو؟ هاڻ ته جيترو اڳتي وڃڻ مشڪل
هو، پٺتي موٽڻ پاڻ ان کان گهڻو مشڪل هو. ۽ هوءَ
ولٽي هئي رات جي اڪيلائي ۾ اڌاهه پيڙا جي پونجي
ڪنيون. اڄ ڪيس گذريل پلن کان، دريءَ کان ٻاهر ستل
جهان کان، وسندي بتيءَ جي روشنيءَ کان به هڪ
عجيب خوف محسوس ٿي رهيو هو.

هوءَ اٿي اچي پلنگ تي ليٽي. اوچتو دروازي
جو پردو اڏامي اچي سندس منهن تي پيو. ڪائنس

ذري گهٽ دانهن نڪري ويئي. مگر جڏهن ڏاڪڻين تي لڳولڳ ڪمري ۾ ستل ماڻهو اٿي پاٽي پيٽان لاهه ٻاهر ويئي هئي ۽ سامهون واري دروازي جي هوا اچڻ پردي کان هيءَ حرڪت ڪرائي هئي، تڏهين کيس ڪل اچي وئي. مگر ڪلاڪ جون ٽڪ هي گهڙيون ڪين هيون ...... هن تڏو ساهه کڻي اڏامي آيل پردي کي وڙهي سڙهي، کنڌ هيٺان کڻي رکيو. رڙهي پردي جي ٽڏي لسي ڇهاءَ ۾ کيس هڪ گهڙيءَ لاءِ آتم ڏينهن ۽ سڄيءَ پراڻيءَ جو احساس ٿيو. اهڙو پراڻي جيڪو هوا جي زور لڳي هليو هجي. بلڪل سنڌس جيان ٿي ڪمزور ۽ پراڻ هوندي پراڻ هيڻ هجي.

مگر پراڻ هئا ته پيار هو، پوءِ اهو پنهنجي ذات جي هڪ انسان بدران، ذاريءَ ذات جي هڪ ساٿيءَ سان آهي ته ڇا آهي؟ ليڪن پريداس ڇيو هو، "هي پيار لاهي راڏا، هيءَ آهي پيار جي گراوٽ، جنهن ۾ تون ۽ تو جهڙيون ڇوڪريون ٻاڻ سان گڏ سنڌي سماج کي به ڪيرائي رهيون آهن."

"سماج بڏي چاهي ٽري، ماڻهو هڪ، ان کي ڪهڙي ٽري ڏئي ٿي سگهان!"

"هڪ هڪ مڃهان ٿي ته سماج ٿهي ٿي ڏيءَ."

"ته هڪ هڪ جا احساس به سماج جا احساس

آهن. منهنجي احساس جي سماج ڪهڙي پرواهه ڪئي
آهي، جو مان سماج جي پرواهه ڪريان؟ ..."

" تنهنجا احساس اهي ئي آهن ته پنهنجي قوم جو
رواجي پگهار ڪمائيندڙ انسان ٿو اڳيان ڪي ڪينهي ۽
هڪ ڏاري ذات جو ٽئڪسيءَ وارو جنهن جي رهڻ سهڻ
سڀڪجهه توکان نرالي آهي ....."

هائو ٽئڪسيءَ وارو ئي ته هو، جنهن سان پرڀداس
ڪيمس هوٽل ۾ گهڙندو ڏٺو هو. هاءِ رام! انهن هوٽل
جي ڪمري جو در کوليو، اکين مان اٿري شانتي
چڪائي، ڪنهن ڪي ٻرف جيان جمائي ڇڏڻ کان ته
بهتر هو ته هو اٿيئي هڪ طوفان ڪري ڪري ڇڏي
ها ۽ پوءِ شايد راڌا جو رستو ڪجهه آسان ٿي پوي
ها. هوءَ ضد ۾ اچي ان شخص سان ڪيڏانهن ڀڄي
وڃي ها. ليڪن پرڀداس ته وقت ئي نرالي ورتي
هئي ۽ گهر اچي سندس جيون جي بازيءَ جا سڀ
پاڻا سندس ئي اڳيان اڇلي ڇڏيا هئائين. پيو ڪوئي
راهه جوڙي ڏئي، ان تي هلڻ اگر آسان ناهي ته
پنهنجي راهه پاڻ جوڙڻ ۾ ته گهڻ مشڪل ناهي.

ماءُ ڪمري ۾ اچي بتي وسائي هلي وئي.
ويندي ويندي در جو پردو ڇڪي هيٺ لي ڪئي
ته هلڪيءَ ڇڪ مان سمجهي وئي ته راڌا جاڳي رهي
آهي. ان کي اٿارڻ لاءِ ئي پنهنجو اشارو ڏڪ ڇلڻ لاءِ

تڏو ساهه ڪڍي چوندي وئي، ”سري رام!“

راڌا سوچيو، ”مگر هن ڪسي ڏک ڪرڻ جو حق نه ڪٿي آهي. منهنجي پاپ ۾ ڪنهن حصي ڏائين جا هوءَ ڀائيوار ناهي؟ ماءُ جڏهن ويهن ورهين جي هئس تڏهن ڪان هوءَ گهڻا گهر موٽائي چڪي هئي؟ ڪن جا گهر نه ٿيا، ڪي گهٽ آڪاهيتا هئا؛ ڪن جا ٻڪهار گهٽ هئا ۽ ڪن جي رهڻي ڪرڻي اسان جي گهر کان گهٽ درجي واري هئي. ۽ جنهن لوڏ سان هوءَ چوندي ڦرندي هئي: منهنجي راڌا ٿسي اهڙي گهر ۾ وڃي، سا ڇا نيڪ هئي؟ حقيقي هئي؟“

ماءُ جي اها لوڏ ٿي گهمنڊ ٻڌي راڌا جي نس نس ۾ سمائجي وئي هئي ۽ هوءَ پاڻ کي سمجهڻ لڳي هئي هڪ خاص ڇوڪري، ۽ خاص جون خصوصيتون هيون - فقط وار ناهڻ، لنهن ناهڻ، سينيما ڏسڻ، هر نئين ڪپڙ پهرئين ڏينهن ڏسڻ....“

اهڙيءَ خاص ڇوڪريءَ لاءِ ڀريداس ڪڏهن ڪو گهر ڪڍي ڳولهي ڪان پوني اڻندو هو، پر راڌا اهڙي گهر ۾ وڃي، جتي پاڻ نه وڃي ڪمائڻو پوي؟ ۽ نه راڌا اهڙي گهر ۾ وڃڻ کان شادي نه ڪرڻ بهتر ٿي سمجهيو ۽ سندس عمر نه ڏيکو ڏنو ويهه ورهين ٿي نه هئي!

ڪولي ٻيئي وڃندو هوس، ”راڌا اڄا ڀيو گهر

ڪڏهن وسائيندينءَ؟“ ائين چوندي هُئي، ”اهڙي کهڙي ڳالهه آهي، ماڻهن جون ته ٻُڍيون ٻيهن ورهين جون وڻيون آهن.“

وڏي ڳُـي شادي ڪرڻ جي جڙ شرط هُئي ته ”گدڙ ڊاک نه پڄي آکي ٿو کٽا“ وارو حساب هو.

مگر ان حساب جو جواب عجيب ملي چڪو هو. گڻيش جي پوڄا ۾ راڌا سامهون واري گهر ۾ هڪ رات جاڳرڻ ڪري آئي ۽ نڪسيءَ جو مالڪ ان کان پوءِ ڪيس نڪسيءَ ۾ چاڙهي پوني جي هر باغ، هو قدرتي نظاري جا چڪر هڻائي آيو. ماءُ ڏٺو، راڌا اڄ ان ڏينهن گهر کان غائب رهڻ لڳي هُئي. پر سور سان جهڙو هجي نه ڪنهن سان سلي. هن پيري پرمداس جي اچڻ لاءِ راهه ۾ اکيون کڻي وڇايائين.

جڏهن پرمداس آيو ۽ لڪي لڪي راڌا جو پيڇو ڪري، راڌا جي حالت جو پول اچي پڌرو ڪيائين تڏهن ماءُ کان ڪاڏو ڇڏائجي ويو. هوءِ وساڻي اُجهاڻي ڪنڌ وڌي پڇي رهي.

راڌا گهر موٽڻ مهل جيتري ڳي اندر ۾ ڪاڙهل هُئي، اوترو ڳي ٻاهران بي پرواهه نظر اچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ڏاڍي خفگيءَ سان ماءُ کي چيائين، ”ڇوڪر پون ڀلي هڪٻئي سان ساهيڙپ رکن، پر ڪنهن ڇوڪري سان دوستي رکيائون نه مليون ......“

ماءُ جلدي چيو ، "مٺيون ٿيو، گهوڙي پنهنجي واڳ پنهنجي هٿ ۾ ورتي آهي، اسانکي ڏسڻو آهي ته فقط هو ڪيستائين ٿو ڊڪي! پر ڌيءُ اندرو چوڻ کان ماٺ ۾ نه ويهندس ته، "چوندي امڙ ٿي ڇو ر وڃي ٻٽ ا ڪڪڙان."

"ٻي قوم ٿي ته انجا ماڻهو ڪڪڙاون ٿي ٻيا ۽ پنهنجي قوم جا ماڻهو ٻلي هائوءَ جيڏا وات ڦاڙي ويٺا هجن. پر اوستائين سوچڻ جي ڳالهه ئي ڪانهي. ڪنهن ٻه ڇوڪريءَ جو رشتو معمولي شادي ته ناهي، دوستي به ٿي سگهي ٿي."

"دوستي ٿيندي آهي ڪوئي ملڪي ڪاره ڪندي، گڏ پڙهندي، ڪنهن معمول طرف وڃ ٿندي..." پريداس جو گنڀير آواز گونجي اٿيو، "نه هونئن ۾ گهڻ ۽ سوڪڙاون هٿ ڪرڻ لاءِ ٻاهر اڳيان ڪجهه کي اڳلي ٻاهراون ٻول پٽڻ لاءِ. ڏسو ڏسو، اڄ ڪجهه ۽ ٻاهر گڏ رهيون، پر ٻاه ڪجهه کي ساڙيو ٿي ڪين...."

ڪجهه سڙي چڪي هئي. راڌا جون اکيون آليون ٿي ويئون. ماءُ ۽ پريداس کي ٻلي اندري خبر نه هجي ته ڪيڏي مهل ۽ ڪيئن راڌا وهڪ ۾ وهي ويئي هئي، پر راڌا کي ائين پئي لڳو ته اهو سڀ سنڌس نرڙيءَ تي لکجي ويو آهي. مگر نرڙيءَ تي لکيل داغ ائين آلسو وهائڻ سان ته ڌوپي لٿي سگهيو.

نٽڪسيءَ جي مالڪ جڏهين چيو، ”ڇا ٿيو، جيڪڏهن
دوستيءَ ۾ هڪ ٻئي کي تن من ڏيئي ڇڏيوسين ته
دنيا اڳيان ڍنڍورو ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي
اسانجي رشتي مان نه. تنهنجا مائٽ راضي آهن ۽ نه
منهنجا. بس ڪلي ڪلي موڪلائي ڇڏينداسين.“ تڏهن
راڌا کي لڳو ڄڻ بس ۾ ڌوڏا کائيندي کائيندي
سنڌس اک لڳي وئي هئي ۽ جڏهين اک کلي هئس
تڏهين منزل گهڻو اڳتي ڇڏائجي چڪي هئي: هتي
هئي فقط اوجهڙ - اوجهڙ جنهن ۾ رلندي نظر آيو
گنگا ۽ ساوتري. گنگا هڪ فلمن ۾ ڪم ڪندڙ غير سنڌي
جوان سان ڀڄي وئي هئي پر سنڌس ماءُ ٻڌجڻ ڪانپور
جوان ڪيڏانهن ڀڄي ويو، گنگا کي ڪا به خبر ڪا
هئي. هن اني لئي لاهه محتاج ڪندڙ دنيا ۾ هر
سرءُ جي گل جيان ڪوماڻيل وقت کان اڳ ٻڍي ٿي
ڍر ڍر پنڪي رهي هئي ......
۽ ساوتري، هوءَ سولائي سونهن وڃائي مرض ٻڌجي
ماءُ وٽ موٽي آئي هئي. جهڙي نموني ماءُ سان وڙهي
جهڙي گجرالي سيٺ‌ئي جي ڏني ٻڌجڻ لاءِ هلي وئي
هئي، اهڙي ئي نموني جهيڙو ڪري گجرالي سيٺ‌ئي
جي سرلت ٻڌجڻ کان انڪار ڪري ڪيس سنڌس پنهنجي
وٽ ڇڏي موٽي آئي هئي.
ساوتريءَ جي جيون مان سيٺ ڪلي ڪسلي موڪلائي

ويو هو ۽ هاڻ هٿي سائي پيلي نيل ساوتري ۽ هٿا
ڪورٽن جا در .......

پريداس چيو، "ٽي"، سياڻا ماڻهو پڻ جي مثالن
مان سکندا آهن. گنگا ۽ ساوتري آهن گل کان ٽٽل
پنکڙيون ڪرمل ۽ مسيل... پنهنجي قوم کان ڪٽيل...."

جيڪڏهين ڪالي ڪلي موڪلائڻو ٿي آهي ته اِنسان
۽ جانور ۾ فرق ٿي ڪهڙو ٿيو؟ راڌا سوچيو ۽ اُٿي
ڪڙي ٿي. الله مالڪ ختم ٿي چڪي هئي. اُٿي ٻتي
ٻارهانئين ۽ ميز جي خالي مان پنو پينسل ڪڍي لکيائين:

"پريداس دادا،

ماضي مٽجي نٿو سگهي ته لڪجي ته سگهي ٿو ۽
هڪ ڏينهن شايد لت اُلکي ڏيئي ٿي ڇڏي. توهين
ٺيڪ ٿا چئو، جيون جي هڪ پل سان سڀ پلون ٻيون
به گڏڻ نادالي آهي. منهنجي قوم وٽ جڏهين مون
جهڙين وچولي درجي وارين ڇوڪرين لاء ڪا ڏيون،
موٽرون ۽ بنگلا ناهن ته ڇا ٿيو. هٿن سان پورهيو
ڪنديس، ساديون ساڙهيون پائينديس. ٺيڪ ٿا چئو
مون جهڙين ڇوڪرين کي ٻهادر بڻجي زندگي عيش نه،
پر تپ ۽ تياڳ ڪري وتڻ گهرجي. هائو مان به پنهنجي
قوم جو هڪ جزو آهيان - مان ترسنديس پنهنجي قوم
جي اهڙي انسان لاء جو ڪلي موڪلائڻ لاء نه پر
جيون ڀر ساٿ ڏيڻ لاء تيار هوندو. راڌا."